# اڪ سور

ربندرناٿ ٽئگور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڪ سور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اک سور

بنگالي ناول

ليکڪ

ربندرناٿ ٽئگور

انوادڪ

چوهڙمل هندوجا

ساهتيه اڪاديمي، نئين دهلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*Akh Soor:* Sindhi translation by Chuharmal Hinduja of
Rabindranath Tagore's Bengali Novel *Chokher Bali*
Sahitya Akademi, New Delhi, 1973.
Price Rs. 8.00

حق واسطا
ساهتيہ اڪاديمي ١٩٧٣

ڇاپيندڙ
ساهتيہ اڪاديمي
رابندر ڀون،
٣٥، فيروز شاهہ روڊ،
نئين دهلي - ١٠

مکيہ ايجنٽ
هندستان ڪتاب گهر
١٩ - ٢١ انبالال دوشي اسٽريٽ،
فورٽ، بمبئي - ١

پرنٽرس
سنڌ پرنٽنگ پريس
ڪيسر گنج، اجمير.

قيمت ٨ رپيہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻہ شبد

گرديو رويندرناٿ ٺاڪر جي بنگالي اُپنياس 'چوکير والي' جو سنڌي اُلٿو آهي.

چوک معنيٰ اک ۽ والي معنيٰ ڪِرِي. هنديءَ ۾ نالو رکيو ويو آهي 'آنک کي ڪرڪِري.'

'چوکير والي،' اُپنياس جي مکيہ نايڪا 'ونودنيءَ' جو اُپ نام آهي. اُصل ليکڪ اُپنياس لِي نايڪا جو اُپ نام 'چوکير والي' نالو رکڻ پسند ڪيو آهي. مونکي سنڌس پسنديءَ پسند آهي.

مون 'آک سؤر' نالو چوکير واليءَ جي شري ڪرشن ڪرپالاڻيءَ جي ڪيل انگريزي اُلٿي 'ونودني' تان ورتو آهي. هن صاحب مکيہ نايڪا کي انگريزيءَ ۾ اُپ نام ڏنو آهي 'آءِ سؤر' اِهو نالو اُصل ليکڪ جي ڀاو يا مراد سان ٺهڪندڙ آهي. مونکي ٻين نالن کان اِهو نالو وڌيڪ ٺيو وڻيو. مون اُنکي سنڌي روپ ڏنو آهي 'اک سؤر.'

مان اُنهيءَ لاءِ شري ڪرشن ڪرپالاڻيءَ جو ٿورائتو آهيان. گرديو جو هيءُ ناول سندس لکيل سڀني ناولن کان وڌيڪ پسند ڪيو ويو آهي ۽ ٻهريون نمبر ليکيو وڃي ٿو. اُصل ناول سنہ ۱۹۰۲ ۾ لکيو ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هيءَ اُلٿو مول بنگالي 'چوکير واريءَ' لکيو آهي مدد لاءِ هندي اُلٿو 'آنک کي ڪرڪري' ۽ خاص ڪري شري ڪرشن ڪرپالاڻيءَ جو انگريزي ترجمو 'ولو ڊني' اڳيان رکيا اٿم.

**نوٽ:-** چوکير واريءَ جو پهريون مختصر اُلٿو، مون "مايا" جي نالي سان پنهنجي رتن ساهتيه منڊل ڪراچيءَ جي پاران ڇپايو هو. هي مڪمل اُلٿو آهي.

**چوهڙمل ٽيارپومل هندوجا**

بلاڪ اي-٣٧، اُلهاس نگر-١٠
(ٿاڻو - مهاراشٽرا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڪ سور

ونود نيءَ جي ماءُ هَريمتيءَ هڪڙي ڏينهن، مهيندر جي ماءُ راج لڪشميءَ وٽ اچي ڏرڙو ماري ويٺي. ٻئي ساهيڙيون هيون ۽ ننڍڙي هوندي گڏ کيڏيون ڪڏيون هيون.

راج لڪشمي اچي پٽ جي پنيان پيئي، "پٽ مهين، هن غريب جي ڌيءَ جو اُڌار ڪرڻو پوندو. ٻڌو اٿم ته ڇوڪري ڏاڍي سهڻي آهي. تنهن سواءِ انگريز ميم کان پڙهڻ لکڻ به سکي آهي. ڇوڪري برابر اهڙي آهي جهڙي توهان اڄ ڪلهه جا جوان چاهيو ٿا."

مهيندر چيو: "امي، اڄ ڪلهه جا جوان ته مون کان سواءِ ٻيا به گهڻيئي آهن."

راج لڪشمي: "تو ۾ اِها ئي ته وڏي وِڏ آهي مهين، توسان ته وهانءَ جي ڳالهه چورڻ ئي ڏکي آهي."

مهيندر: "امي، دنيا ۾ اُنهيءَ ڪسان سواءِ ٻيون به ته گهڻيئي ڳالهيون آهن، تنهن ڪري اِها وڏ ڪا وڏي ڪانهي."

مهيندر اَجا ننڍڙو ئي هو جو پڻس گذاري ويو هو. هن جو ماءُ سان ورتاءُ ٻين جوانن جهڙو نه هو. هوءُ ٻاويهن ورهين جو ٿي ويو هو، ايم.اي. پاس ڪري ڊاڪٽري پڙهڻ شروع ڪئي هئائين، تڏهن به هن جو ماءُ سان ٻارن جيان روز روز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِتي ڪھڙي صلاح مصلحت پئي هلي؟"

مهيندر اُتر ڏنو: "صلاح مصلحت ته ڪا به ڪانه ٿي هلي. مان چاچيءَ کان پان وٺڻ ويو هوس."

ماڻس چيو: "تنهنجي لاءِ پان ته مون وٽ ئي پيو رکيو آهي."

مهيندر ڪو به جواب نه ڏيئي هليو ويو.

راج لڪشمي اندر گھڙي ۽ انپورڻا جون رُنڻ کان سوڄل اکيون ڏسي، ڪيترائي انديشا ڪندي ويئي ۽ هڪدم ڦڦڪارو اُڇلايائين: "ڪيئن، وچين ڪنوار، ڇوڪري جا ڪن پئي پريءَ نه؟"

هوءَ اِهو ڦڦڪارو اُڇلائي، جواب ٻڌڻ جي اِنتظار ڪرڻ کان سواءِ ئي تڪڙي موٽي هلي ويئي.

(٢)

ڇوڪريءَ ڏسڻ جي ڳالھه مهيندر ته ذري گھٽ وساري وينو هو، پر انپورڻا ڪانه وساري هئي. هن شيام بازار ۾ ڇوڪريءَ جي سنڀاليندڙ پيءُ جي ڏير کي چٺي لکي جنهن ۾ ڇوڪريءَ ڏسڻ جي تاريخ به مقرر ڪري موڪليائين.

ڇوڪريءَ ڏسڻ جي ڏينهن مقرر ٿيڻ جو ٻڌي مهيندر چيو: "ججي، تو ڏينهن مقرر ڪرائڻ ۾ ايتري تڪڙ ڇو ڪئي. مون ته اڃا بهاريءَ سان ڳالھه به ڪانه ڇوري آهي."

انپورڻا چيو: "ائين ڪيئن ٿيندو مهين، جيڪڏهن توهين ڇوڪري ڏسڻ نه ويندا ته اُهي ڇا چوندا؟"

مهيندر بهاريءَ کي گھرائي ساري حقيقت کولي ٻڌائي. چيائينس: "هل ته هلي ڇوڪري ڏسي اچون. جيڪڏهن توکي ڇوڪري پسند نه آئي ته هرو ڀرو زوريءَ ته ڪو نه ٻڌائيندءِ؟"

بهاريءَ چيو: "سو ته مان چئي نٿو سگھان، پر مان ججيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيندر چيو: ”جيجي، لکڻ پڙهڻ سکڻ اهڙو سولو نه آهي. اُنهيءَ لاءِ گهڻو وقت گهرجي.“

اُنپور ٽا ٻيزار ٿي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. آشا به آهستي آهستي ڪري سندس پٺيان وڃڻ لڳي، ته ايتري ۾ مهيندر ٽپ ڏيئي اُٿي سندس لنگهه روڪي ويهي رهيو. آشا جي ڳوڙهن ڀريل ليلائيندڙ نيڻن جي لماڻي نيزاريءَ تي به ترس نه کاڌائين. چيائين: ”ترس، اَڃ ته جيڪو وقت سمهي وڃايو اٿيئون تنهن جي ڪسر ڪڍي وٺون!“

مبادا ڪي اهڙا سادي سڀاءَ جا معزز صاحب به هجن، جيڪي سمجهن ته مهيندر پڙهائڻ جو وقت سڄو ئي سمهڻ ۾ وڃايو هوندو؛ اهڙن صاحبن جي ڄاڻ لاءِ ضرور ٿو سمجهجي ته ٻڌائجي ته مهيندر جي پڙهائيءَ جو ڍنگ اهڙو انوکو هو، جنهن جي پٽيرائي جيڪر ڪو به اِسڪولن جو اِنسپيڪٽر نه ڪري ها.

آشا کي پنهنجي پتيءَ ۾ پورن وشواس هو. جيتوڻيڪ هن ڄاتو ٿي ته سندس لاءِ اُنهيءَ عمر ۾ ڪيترن سببن ڪري لکڻ پڙهڻ سکڻ سولو نه آهي، پر تنهن هوندي به هن پتيءَ جي آگيا ڪري اِهو پنهنجو ضروري فرض ڪري سمجهيو. (تنهنڪري) هوءَ پنهنجي اَشانت ۽ چنچل چت کي زوريءَ ايڪاگر ڪري گنڀير ٻڻجي فرش تي وڇايل بستري جي هڪ ڪنڊ تي ٿي وهندي هئي ۽ ڪتاب مٿان جهڪي اُچارن جي سرن تي ڪنڌ لوڏيندي پاٺ ياد ڪرڻ شروع ڪندي هئي. ماستر صاحب ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ لنڊڙيءَ ميز تي ڊاڪٽريءَ جا ڪتاب کولي ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو هو؛ وچ وچ ۾ اک ٽيٽ ڪري پنهنجي وديارٿڻ ڏانهن پيو نهاريندو هو اُن لاءِ ته ڏسي ته سندس وديارٿڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڏيان پڙهڻ ۾ آهي يا نه. هڪڙي ڏينهن اوچتو هن پنهنجو ڊاڪٽريءَ جو ڪتاب بند ڪري آشا کي (پيار مان رکيل نالي سان) سڏ ڪيو: ”چنڙي!“

آشا ڇرڪي ڪنڌ مٿي ڪٽي مهيندر ڏانهن نهاريو. مهيندر چيو: ”پنهنجو ڪتاب نه کڻي اچ، ڏسان ته ڇا ويٺي پڙهين.“

آشا کي ڊپ ٿيو ته متان ماستر صاحب پريکيا وٺي. هنکي پريکيا ۾ پاس ٿيڻ جي اُميد خير ڪا هئي؛ ڇو ته ڪيتري ڪوشش ڪندي به سندس من چارُو پاٺ جي موهيندڙ چترن مان نڪري اکرن ڏي نٿي وريو. هوءَ جيترو ئي اکرن پڙهڻ ۾ ڌيان لڳائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، اوترو ئي ڪارن اکرن جون سٽون ڪارين ڪولين جي قطارن جيان سندس نظرن کان سرڪنديون وينديون هيون.

هوءَ پريکيا جي پڪار تي ڏوهيءَ جيان ڏڪندي ٿڙڪندي مهيندر جي ڪرسيءَ ڀرسان وڃي بيٺي.

مهيندر هڪڙو هٿ سندس ڪمر جي پٺيان ورائي، ٻئي هٿ ۾ ڪتاب جهلي پڇيو: ”ٻڌاءِ، اڄ ڪيترو پڙهيو اٿيئي؟“

آشا سرسري طور جيترين سٽن تي نظر ڦيري ويٺي هئي، اُنهن سڀني تي هٿ ڦيري چيو: ”اِجهو هيترو.“

مهيندر منهن ڀيلڙو بڻائي، ڏکاري آواز ۾ چيو: ”او، ايترو سارو پڙهي ويٺي آهين! مان ٻڌايانءِ ته مون ڪيترو پڙهيو آهي؟“

پوءِ پنهنجو ڪتاب کولي هنکي رڳو هڪڙي پاٺ جو سرو ڏيکاري چيائين: ”اِجهو هيترو.“

آشا عجب مان اکيون ڦاڙي چيو: ”تڏهن توهان ايتري مهل تائين ڇا پئي ڪيو؟“

وڏي آهي؟" ته مهيندر کيس هٿ کان جهلي چيو: "توکي
انهيءَ جي ڪهڙي خبر؟ منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته
جيئن تون مولڪي وساري سهنجائيءَ سان پڙهي سگهين ٿي.
تيئن مان توکي وساري پڙهي نٿو سگهان."

آشا ايڏو وڏو الزام ٻڌي، اوچتو سرءُ جي سنهڙي ٻوُلڊڪار
جيان جهيڻا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي ۽ وري ٻئي ئي دم
ڳوڙها ٽمائڻ ڇڏي ٿوري وسڪاري کانپوءِ نڪتل سونهري
اُس جيان سهاڳ جي ساءِ ۾ ٽڙڻ لڳي.

جڏهن سيکاريندڙ ئي سکڻ ۾ وگهن وجهڻ لڳو تڏهن
ويچاري اٻلا وديارٿڻ جو ڪهڙو وس جو وديا جي جهنگل
۾ اڪيلي سر راهه ڳولي اڳتي وڌي سگهي.

آشا کي ڪڏهن ڪڏهن ماسيءَ جي سخت ڦٽڪار ياد
پوندي هئي ته ڏاڍو پريشان ٿيندي هئي. سمجهندي هئي
ته لکڻ پڙهڻ سکڻ ته پريم ليلا جي لڪائڻ جو هڪ بهانو
آهي. ڪڏهن سس، منهن سامهون گڏجي ويندي هيس ته
شرم ۾ ٻڏي ويندي هئي. سسٽس به کيس ڪنهن ڪم ڪرڻ
لاءِ ڪونه چوندي هئي ۽ نه ڪجهه سيکاريندي يا سمجهائيندي
ئي هيس. جيڪڏهن هوءَ ڪڏهن بنا چوڻ جي ئي سس کي
ڪم ڪار ۾ وٽائڻ ويندي هئي ته سسٽس طعنو هڻي چوندي
هيس: "ڪنوار ڇڏ، اهو ڇا ٿي ڪرين؟ تون هيٺ ڇو
آئي آهين؟ وڃ وڃي مٿي ويهه. پنهنجي پڙهڻ ڳڙهڻ جو
املهه وقت اجايو آرڪمن ۾ ڇو ٿي وڃائين؟"

آخر اُپور ٽا هڪڙي ڏينهن آشا کي چيو: "تنهنجي
لکڻ پڙهڻ سکڻ جي ڍنگ مان ته ائين ٿو لڳي ته تون مهين
کي به ڊاڪٽري پريکيا پاس ڪرڻ نه ڏيندينءَ؟"

اهو ٻڌي آشا هڪڙي ڏينهن دل ڏاڍي ڪري مهيندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي چيو: ”توهان جي پڙهڻ ۾ اُٽڪ ٿي پوي تنهنکري مان اَڄ کان وٺي هيٺ ماسيءَ جي گهر وڃي ٿي رهان.“

ايڏي ننڍڙيءَ وهيءَ ۾ ايڏو وڏو مهان تياڳ! سمهڻ واري ڪمري مان پاڻکي سڏو ماسيءَ جي گهر لرواست ڪرڻ لاءِ چوندي آشا جي اکين ۾ پاڻي اَچي ويو. سنهڙا چپ ڏڪڻ لڳس ۽ ڳلو ڀرجي آيس.

مهيندر چيو: ”چڱو، ڀاءِ هل ته اَسين اَڳو پوءِ اُڀئي هلي رهون.“ اِئين چئي، وري ٻئي دم ئي چوڻ لڳو: ”پر اسين اُتي هاڻي رهون تنهن کان ته چڱو ٿيندو ته هوءَ پاڻ هتي اسان وٽ اَچي رهي.“

پنهنجي خود قربانيءَ جهڙي منشا کي اِئين مسخريءَ ۾ اُڏامندو ڏسي آشا کي ڏاڍي مٺيان لڳي.

مهيندر وري چيو: ”اُنهيءَ کان به چڱو ته اِئين ٿيندو ته تون مونکي رات ڏينهن پنهنجي اکين اڳيان رکي نظرداري ڪندي رهين ته مان پريکيا جا ڪم پڙهان ٿو يا نه.“

نيٺ نهايت سنهنجائيءَ سان اِهو فيصلو بحال ٿي ويو.

اِهو اکين اڳيان رکي پهري ڏيڻ جو ڪم ڪهڙيءَ طرح هلندو هو، تنهن جي وستار ۾ وڃڻ جو ضرور نه آهي. رڳو ايترو چوڻ ئي ڪافي ٿيندو ته مهيندر اُنهيءَ سال اِمتحان ۾ ناپاس ٿيو ۽ ’چارو پاٺ‘ جي پڙهائي هلندي به *’پريم‘ جي باري ۾ آشا جي اَڻ ڄاڻائي دور ٿي نه سگهي.

اِئين به چئي نٿو سگهجي ته هنن جي اُنهيءَ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو بي مثل ڪاريه به ڪو صفا نروگهن پيو هلندو هو، وچ وچ ۾ ٻهاري اَچي ڏاڍو گوڙ مچائيندو هو.

---

* مڇيءَ جو هڪ قسم، ڪڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيندر ڪلندي چيو: ”ڇو، توهين ڇو تيون اُتو؟ توهين وينيون هجو، مان وڃان ٿو. نه ته توهين وهو. مونکي به وهڻ ڏيو.“

ونودنيءَ نه عام استرين جيان آشا جي هٿ مان، پنهنجي هٿ ڇڏائڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي نه اجايو هل هنگامون مچائي شرمائڻ جو نماءُ ڪيو. هن بلڪل سڌي سادي نموني مرڪندي مٺي آواز ۾ جواب ڏنو: ”مان توهانجو ڇوڙ ٿي موٽايان، پر توهين به مهرباني ڪري مونکي دل ئي دل ۾ پٽجو نه.“

مهيندر به مرڪندي ورندي ورائي: ”مان توهانکي اها پت نه ضرور هڻندس، ته توهانجي پيرن ۾ ڪجهل وقت اُٿڻ جي طاقت نه رهي.“

ونودني وراڻيو: ”سو مان اهڙيءَ پت کان ڪونه ٿي ڊڄان، ڇو نه مان سمجهان ٿي ته توهانجو اِهو ڪجهل وقت وڏو ويرمون نه هوندو. اُهو هيل تائين شايد گذري به ويو هوندو.“

ءِ اِئين چئي هن وري اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي. آشا هن کي هٿ کان وٺي وهاريندي چيو: ”منهنجي صدقي اُجا به ڪجهہ وقت ويهہ.“

(١٤)

آشا پڇيو: ”سچ سچ ٻڌايو ته منهنجي ساهيڙي توهانکي ڪيئن لڳي؟“

مهيندر چيو: ”اهڙي خراب ته نه.“

آشا نهايت نااُميد ٿي چيو: ”توهانکي ته ڄڻ ڪير ٻيو ڪو ماڻهو وڻيئي ڪونه.“

مهيندر: ”رڳو هڪڙي ماڻهوءَ کان سواءِ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِئين چوندي هن وياڪل نظرن سان هڪوار مهيندر ڏي نهاريو.

ٻئي ڏينهن ٻهاريءَ اچي ونودنيءَ کي چيو: ”ونود ڀاڀي، تو وٽڻ لاءِ زور ڇو ٻڌو آهي؟ مون اُنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جنهن جي سزا تون مونکي اِنهيءَ طرح ڏيڻ تي چاهين؟“

ونودنيءَ ٿورو منهن پاسيرو ڪري چيو: ”اهو توهان جو ڏوهه نه آهي پر منهنجي ڪرمن جو ڏوهه آهي.“

ٻهاري: ”جيڪڏهن تون ويندينءَ ته مان سمجهندس ته تون مون تي ڪاوڙجي ٿي وڃين.“

ونودنيءَ ڏکارن نيڻن سان بيزاريءَ مان ٻهاريءَ ڏي نهاريندي چيو: ”ٻهاري دادا، توهين ٿي ٻڌايو ته منهنجو هتي رهڻ ڇا چڱو آهي؟“

ٻهاري مشڪل ۾ پئجي ويو. هو ڪيئن چوي ته سندس هتي رهڻ چڱو آهي! هن چيو: ”توکي وڃڻو ته اوس پوندو پر وڏيڪ نه، ته جي ٻه چار ڏينهن ترسي ويندينءَ ته اُنهيءَ ڪري توکي ڪهڙو هرج رسندو؟“

ونودنيءَ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو: ”توهين سڀ مونکي نڪرڻ لاءِ زور ڇا پيا، مونکي توهان جو چيو مڃڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي، پر توهين اِها ڏاڍي زوراوري ٿا ڪريو.“

اِئين چوندي چوندي هنجي اکين جي ڏکين ڳهائين پنبڻين مان ٽڪڙا وڏا ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

ٻهاريءَ هنکي ڳوڙها ڳاڙيندو ڏسي وياڪل ٿي چيو: تو تورن ٿي ڏينهن ۾ پنهنجن مٺن گڻن سان سيني کي موهي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري ڪو به توکي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي. ڀاڀي، دل ۾ نه ڪڇاڻ، تو جهڙيءَ لڪشميءَ کي اِئين خوشيءَ سان ڪير ڇڏڻ چاهيندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفافو ڏسي پڇيو: ”ڪنهنجي چٺي آهي؟“

نوڪر جواب ڏنو: ”ٻهاري لال جي.“

”ڪنهن ڏني آهي؟“

”وڏيءَ ڪنوار. (ونوديءَ).“

”هيڏي ڪر ڏسان.“ چئي، هن نوڪر کان چٺي وٺي هٿ ڪئي. دل ۾ آيس ته چٺي کولي پڙهي ڏسي. لفافي کي ٻه چار ڀيرا اُبتو سبتو اُٿلائي پٿلائي ڏٺائين. پوءِ وري لفافو ڪٽي نوڪر ڏي اُڇلايائين. جيڪڏهن لفافو کولي چٺي پڙهي ڏسي ها ته ڪيس اُنهيءَ ۾ لکيل ملي ها ته، ’ٻئي، ساٻو داڻا يا ٻارلي اصل نٿي کائي، اڄ ڪيس ٿورو دال جو پاڻي ڏيئي سگهجي ٿو؟‘ ونودني، ٻڍيءَ جي دوا درمل يا ڪريءَ وغيره جي باري ۾ مهيندر سان ڪا صلاح مصلحت نه ڪندي هئي پر ٻهاريءَ کان ئي پڇندي ڳاڇيندي هئي.

مهيندر باغيچي ۾ ٽهلڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ورانڊي ۾ ٽهلي ڪمري ۾ آيو ته ڪمري جي ڀت تي ٽنگيل هڪ تصوير جو ڌاڳو ٽٽڻ تي هو ۽ اُنهيءَ سبب تصوير ڏنگي ٿي پئي لڙڪي. اِهو ڏسي هن هڏيءَ مان آشا کي چيو: ”توکي شايد ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي. اِجهو اِنهيءَ طرح سڀ شيون برباد پيون ٿين.“

ونودني دم دم باغ مان هڪڙو گلن جو جهڳٽو ڪٽي آئي هئي ۽ اُنهيءَ مان گلدستو ناهي آٽي پتل جي ڦولدانيءَ ۾ سينگاري رکيو هئائين. اُهو رکئي رکئي اُتيئي سڪي ويو هو. مهيندر اُهڙين ڪمين پيشين ڏانهن ڪڏهن ڌيان ڪونه ڏيندو هو، پر اوڏيءَ مهل جيئن اوچتو هن جي نظر اُنهيءَ تي وڃي پيئي تيئن ڪاوڙ وٺي ويس. غصي مان آشا کي چيائين: ”ڏسجي ٿو ته جيستائين ونودني خود اچي اِهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مهيندر کيس چيڻ کان سواءِ نه رهيو. چيائينس: ”ڇڏي وڃڻ ۽ وساري وهڻ جا الزام لڳائي تو مونکي چٺيون ڪيئن لکيون؟“

ائين چوندي هن خبر نه آهي نه ڪيترا ڀيرا وري وري ڪري پڙهيل چٺيون پنهنجي کيسي مان ڪڍي کيس ڏيکاريون.

آشا چٺيون ڏسندي ئي کيس ليلائي چيو: ”ڀيرين ٿي پوانو، مهرباني ڪري اهي چٺيون ڦاڙي ڦٽيون ڪري ڇڏيو.“

ائين چئي، هوءَ مهيندر جي هٿن مان چٺيون ڇڏائڻ لاءِ اُتاولي ٿي ويئي. مهيندر هنکي هٿن کان جهلي چٺيون وري کڻي کيسي ۾ وڌيون. چيائين: ”مان ڪم سانگي ئي هاسٽل ۾ وڃي رهيو هوس، پر تون اُنجو مطلب نه سمجهي مون ۾ شڪ ٿي آڻين؟“

چلڪندڙ ليٽن سان آشا چيو: ”هن ڀيري مونکي معاف ڪريو، اڳتي وري ڪڏهن ائين نه ٿيندو.“

مهيندر پڇيو: ”ڪڏهن نه؟“

آشا چيو: ”ڪڏهن به نه.“

تڏهن مهيندر هنکي پاڻ ڏانهن ڇڪي کڻي هڪ مٺي ڏني.

آشا عرض ڪيو: ”چٺيون مونکي ڏيو ته ڦاڙي ڦٽيون ڪري ڇڏيان.“

مهيندر چيو: ”نه، چٺيون رهڻ ڏي.“

آشا نمرتا وچان سمجهيو ته هو اُهي چٺيون شايد سندس سزا طور ئي پاڻ وٽ رکڻ ٿو چاهي.

چٺين سبب آشا جو من ونود ليءِ ڏانهن ڪجهه شيڪجي ويو. هوءَ گهوٽ جي اچڻ جي خوشخبري ٻڌائڻ ۽ خوشيءَ ملهائڻ لاءِ به ونس نه ويئي. پاڻ هن کان پاسو ڪندي رهي. ونود لي هنجي اُنهيءَ ڦيري کي تاڙي ويئي ۽ ڪم جو بهانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻاهر جي ڳالهه هئي. اُنهيءَ نظاري مهيندر جي دل کي هڪ زبردست چوٽ هڻي بي وس بڻائي ڇڏيو. هن ڇيو هو ته پاڻ ونود نيءَ کي پيار نٿو ڪري پر جيڪي ٻڌائين ۽ جيڪي ڏنائين، تنهن کيس بي چين بڻائي ڇڏيو، هر طرح صفا بي آرام. وري وري دل ۾ پئي آيس، 'افسوس، جو ونود نيءَ کيس ائين چوندو ٻڌي ورتو ته مان کيس پيار نٿو ڪريان!'

## ( ٢٣ )

مهيندر سوچڻ لڳو، 'مون چيو، اهو ڪوڙ آهي. مان ونود نيءَ کي پيار نٿو ڪريان.' وري اهو چيم به ڏاڍي رڪائيءَ سان. مان هنکي پيار ڪريان ٿو. ائين ڪري نه هجي، پر پيار نٿو ڪريان ائين چوڻ به نهايت اُگرو آهي. اهڙي ڪهڙي استري هوندي جنهن کي اهي لفظ ٻڌي چوٽ نه لڳي. مونکي اُنهن لفظن جي مخالفت ڪرڻ جو موقع وري ڪڏهن ۽ ڪيئن ملندو؟ ائين چوڻ ٺيڪ نه آهي ته مان هن کي پيار ڪريان ٿو. پر مان هنکي پيار نٿو ڪريان، اهو خيال مونکي ذرا نرم ۽ سهائيندي نموني ظاهر ڪرڻ کپندو هو. ضرورت آهي ته مان اهو خيال اُنهيءَ ئي نموني ظاهر ڪريان. ونود نيءَ جي من تي اهڙو اُگرو ۽ غلط اَثر رهڻ ڏيڻ ڇڱو نه آهي.

اهو خيال ڪري هن ونود نيءَ جون اُهي ٽيئي چٺيون پيٽيءَ مان ڪڍي وري پڙهيون. چٺيون پڙهڻ بعد دل ۾ چيائين، 'اُنهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ونود ني مونکي پيار ڪري ٿي.' نه پوءِ ڪالهه هوءَ بهاريءَ جي اڳيان اُنهيءَ طرح ڪيئن آئي؟ شايد مونکي ڏيکارڻ لاءِ ئي. مون جڏهن اهو صاف چئي ڏنو ته مان کيس پيار نٿو ڪريان، تڏهن

مولڪي لڪڙو ڪم آهي.“

اِئين چئي، هو وري لڪڙو لڪڙو پٺتي موٽيو ۽ اُنهيءَ رات ئي ڪلڪتي کان ٻاهر پڇم طرف روانو ٿي ويو.

دربان کي ٻهاري گهر ۾ نه گڏيو ته هو ونود نيءَ جي چٺي ڇيڻ جو ليڪن موٽائي ڪٽي آيو. مهيندر اوڏيءَ مهل ڏيڍيءَ جي سامهون باغيچي ۾ پئي ٽهليو. هن دربان کي هٿ ۾ چٺي ڏسي پڇيو: ”ڪنهن جي چٺي هٿ ۾ آئيئي؟“

دربان هنکي چٺيءَ جي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي. مهيندر هن کان چٺي گهري ورتي. هڪوار دل ۾ آيس ته هوُ اُها چٺي ڪٽي پاڻ موٽائي وڃي ونود نيءَ کي ڏئي، وات سان ڪجهه نه چوي. رڳو ڏوهارڻ ونود نيءَ جو شرمندو منهن ڏسي موٽي اچي. هنکي اُنهيءَ ۾ ذرو به شڪ نه هو ته خط ۾ ضرور ڪا لڄ جي ڳالهه هوندي. هنکي ياد آيو ته اُنهيءَ کان اڳ ۾ به هن هڪڙي ڀيري ٻهاريءَ ڏي چٺي موڪلي هئي. آخر چٺيءَ ۾ آهي ڇا، اُنهيءَ ڄاڻڻ کان سواءِ هوُ رهي نه سگهيو. هن پاڻکي سمجهايو، ونود نيءَ سندس سنڀال هيٺ آهي. هنجي ڀلائيءَ برائيءَ لاءِ هوُ ئي ذميوار آهي. تنهن ڪري اهڙي شڪي چٺي کولي ڏسڻ واجب آهي. هنکي غلط رستي تي هرگز وڃڻ ڏيئي نٿو سگهجي.

هن لفافو کولي اُها ننڍي چٺي ڪڍي پڙهي. چٺي بلڪل سڌي سادي ٻاشا ۾ لکيل هئي. تنهن ڪري اُنهيءَ مان من جي سچي نيت صفا ظاهر هئي. مهيندر چٺي پڙهي ۽ ور ور ڪري پڙهي. خوب سوچيائين، پر اِهو سمجهي نه سگهيو ته ونود نيءَ جو لاڙو ڪنهن ڏانهن آهي. هنکي وري وري اِهوئي انديشو ٿيڻ لڳو ته، ڇو ته مون اِئين چئي هن جو اَپمان ڪيو آهي ’ته مان ڪيس پيار نٿو ڪريان‘ تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ( ٣١ )

آشا سوچڻ لڳي، 'ائين ڪيئن ٿيو، مون ڇا ڪيو؟' پر جتي اصل آفت لڪي ويئي هئي، اوڏانهن سندس ڌيان ئي ڪونه ڇڪيو. هن جي من ۾ ڪڏهن ڪو انديشو به ڪونه جاڳيو ته مهيندر ونود ليءِ سان به پريم ڪري سگهي ٿو. هن کي دنيا جو آزمودو ته اصل ڪونه هو. تنهن سواءِ اهو خيال به ڪڏهن سندس ڪلپنا ۾ نه آيو هو ته پاڻ پرڻي کان پوءِ مهيندر کي جهڙو سمجهيو هئائين، تنهن کان ٻئي نموني جو به ٿي سگهي ٿو.

مهيندر ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪجهه سوير ئي ڪاليج وڃڻ لاءِ سينڌيو. هن جي ڪاليج وڃڻ وقت آشا نت نيم انوسار دريءَ وٽ بيهي سندس گاڏيءَ ڏانهن نهاريندي هئي ۽ مهيندر به هڪوار منهن ورائي ڪنڌ ڪڍي آشا ڏانهن نهاريندو هو. اهو سندن روزانو نيم هو. انهيءَ هير سبب گاڏيءَ جي گهڙڪي ٻڌندئي، آشا وڃي دريءَ پرسان بيٺي ۽ مهيندر به عادت انوسار ڪن لاءِ هڪوار اکيون ڪڍي مٿي نهاريو. ڏٺائين ته آشا دريءَ وٽ بيٺي آهي. ڪپڙا ميرا، وار وکريل ۽ منهن سڪو پيو اٿس. اهو ڏسندي ئي هن انهيءَ دم ڪنڌ ڪڍي هيٺ جهڪايو ۽ هٿ وارو ڪتاب کولي اکيون ڪڍي ان ۾ کپايائين. ڪيڏانهن ويئي اها چئن چشمن جي خاموش ٻولي ۽ ڪيڏانهن ويئي اها چدبالي مرڪ!

گاڏي رواني ٿي ويئي. آشا جيئن جو تيئن اتي ئي پٽ تي ويهي رهي. هن کي سارو جيون ۽ جڳت بي رسو پيئي معلوم ٿيو. ڪلڪتي جي روزاني جيون جي ڪاروبار جي وهڪري ۾ اهو وقت وير چڙهڻ جو هو. ساڍا ڏهه لڳا هئا. آفيس ڏانهن ويندڙ گاڏين جي لاڏي لڳي پيئي هئي. ٽرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ چڙهڻ کان سواءِ بہ چنڊ رمائن جي چانڊوڻين سان چمڪندڙ
گهر ۾ هوءُ بلڪل مزي سان جيئن گهاري سگهندو. هوءَ اِهو
اِرادو ڪري نهايت ٽڪڙو ٽڪڙو گهر ڏي هلڻ لڳو. اُنهيءَ
لاءِ تہ سويل ئي بستري تي وڃي، لاڏ پيار ۽ مٺن ٻولن سان
آشا جي من تان سموري ڏک کي ڪن پل ۾ مٽائي ڇڏي.

مهيندر جي رسوئي ڪائڻ ويل آشا حاضر ڪانہ رهي،
تڏهن بہ هو اِهو ويچار ڪري تہ آخر هوءَ سمهڻ تہ ايندي ئي،
پنهنجي ڪمري ۾ وڃي پلنگ تي ليٽي پيو. پر صفا سانت
نويڪلي ڪمري ۽ سڄي سيج سندس دل ۾ ڪهڙيون
يادگيريون اُڀاريون؟ نہ جهونيون، آشا سان نئين پرڻي جي
نت نئين پريم ليلا جون، پر هڪدم نئين نرالي قسم جون.
آشا سان پريم ليلا جون آهي جهونيون يادگيريون هنجي چت
تي اِئين جهيڻيون ٿي ويون هيون، جيئن سج جي سوجهري
۾ چنڊ ۽ تارن جو سوجهرو جهيڻو ٿي لڪي ٿي ويندو آهي.
اُنهيءَ جي جاءِ تي اُنهيءَ يورپي ڇوڪريءَ جي نرمل
لچاري مورت کي ڏکي هڪ تيز ٻهڪندڙ جوين ڀري
نئين صورت چمڪي اُٿي هئي. پلنگ تي ليٽندي ئي
مهيندر کي، ونود ڏي کان 'وش ورڪيہ' ڪسڻ واري ڇڪتاڻ
ياد اچي وئي ۽ وري اُنهن ڏينهن جي يادگيري اچي ويس
جن ڏينهين سنجها کانپوءِ ونود کيس 'ڪپال ڪنڊلا' پڙهي
ٻڌائيندي هئي. ناول پڙهندي پڙهندي رات پئجي ويندي
هئي. گهر جا سڀ ڀاتي سمهي پوندا هئا. هڪ ڪني رات
جو جڏهن چوڌاري سانت لڳي پيئي هوندي هئي، اُنهيءَ
نويڪلي، ايڪانت ڪمري جي سناٽي ۾ ونود ڏيءَ جو جڏهن
پريو مڌر آواز آهستي جهيڻو ٿي گهٽجڻ لڳندو هو،
تڏهن هوءَ اوچتو سجاڳ ٿي، پاڻ سنڀالي پستڪ رکي اُٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙي ٿيندي هئي. پوءِ پاڻ کيس چوندو هو: ”مان ٿوڪي ڊاڪٽر لاهي هيٺ ڇڏي اچان؟“ اِهي ڳالهيون وري وري ياد ڪندي مهيندر جي سڄي سرير ۾ ڪتڪتائيءَ جهڙي خوشيءَ پري مني سرسراهٽ اُڀري تي ويئي. رات وهامندي تي ويئي، مهيندر جي من ۾ تورو تورو شڪ جاڳڻ لڳو. آشا اِجها پيئي ايندي هوندي پر ڏسندي ڏسندي ويل وهامي ويئي. آشا آخر ڪانه آئي.

مهيندر سوچڻ لڳو مان نه پنهنجي فرض بجاءِ آڻڻ لاءِ تيار هوس، پر جي آشا اُجايو ناراض ٿي نه ايندي ته مان ڇا ڪندس! سوچيندي سوچيندي پاڻ کي اخلاقي جوابداريءَ کان آجو سمجهي هو آڌيءَ رات ٿاڻي وري گهرائيءَ سان ونودنيءَ جي ويچار ۾ لڳي ويو.

جڏهن گهڙيال ڏهن جا ٺڪاءَ وڄايا تڏهن هن کان رهيو نه ٿيو. هو مڇردانيءَ مٿي کٽي پلنگ تان هيٺ لٿو؛ ڪمري مان نڪري ٻاهر ڪليل ڪڏ تي هليو ويو. چوڌاري نظر ڦيرائي ڏٺائين. اونهاري جي چانڊوڪي رات نهايت منوهر پئي لڳي. ننڊ ۾ سمهيل ڪلڪتي شهر جي ايڪانت شانتي جڻ نوپل سانتيڪي ساگر جي مانيٺي پاڻيءَ جيان ڇهڻ جهڙي پئي معلوم ٿي. گهريءَ رات جو وٿندڙ مانيٺي هير جڻ اڻ ڳڻين ماڙين مٿان مهانگريءَ جي ننڊ کي هيڪاري گهرو ڪندي آهستي ٺهلندي ٽلڪندي هلندي تي ويئي.

مهيندر جي گهٽڻ ڏينهن جي سانڊيل سڪ جهل نه ڏني. آشا جي ڪاشيءَ مان موٽڻ کان پوءِ ونودني کيس اَصل ڏسڻ ۾ ڪانه آئي هئي. چانڊوڪيءَ جي نشي ۾ چور نويڪليءَ رات مهيندر کي موهي ونودنيءَ ڏانهن گهلي وڃڻ لڳي. مهيندر ڏاڪڻ لهي هيٺ ويو؛ ونودنيءَ جي ڪمري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربان ڪرڻ نه ڏيندس.“

مهيندر ٽڪڙ مان وراڻيو: ”هاڻي اهو تنهنجي وس ۾ نه رهيو آهي. منهنجو سارو سرونس چڪناچور ٿي چڪو آهي. هاڻي منهنجي لاءِ توڪان سواءِ ٻيو ڪوبه ٻنهنجو ڪونه رهيو آهي. ونود! اڪيلي تون ئي منهنجي لاءِ رهي آهين. ونود! ونود!“ چوندي چوندي هو ٻي حال ٿي پٽ تي ڪري پيو ۽ زور زور سان ونود ليءَ جي پيرن کي چنبڙي انهن کي وري وري چمڻ لڳو.

ونود لي پنهنجا پير مهيندر جي هٿن مان ڇڏائي اٿي کڙي ٿي ۽ چوڻ لڳي: ”توهانکي ياد نه آهي ته توهان مون سان ڪهڙو پرڻ ڪيو هو؟“

مهيندر پنهنجي سموري طاقت لڳائي پاڻ کي ضابطي ۾ رکيو ۽ چيائين: ”مونکي ياد آهي. مون قسم کنيو هو ته جيئن تون چاهيندين ائين ٿيندو. مان ڪڏهن به ڪو اعتراض نه ونندس. مان انهيءَ قسم کي نباهڻ لاءِ تيار آهيان. پڌاءِ مونکي ڇا ڪرڻو پوندو؟“

ونود لي: ”توهان کي پنهنجي گهر وڃي رهڻو پوندو.“

مهيندر: ”ڇا رڳو مان ئي تنهنجي لاءِ اڻ وڻندڙ وستو آهيان. ونود! جيڪڏهن ائين هو ته تو مونکي پاڻ سان ڇو آندو؟ جيڪا چيز تنهنجي ماڻڻ جهڙي نه هئي، انهن جي شڪار جي توکي ڪهڙي ضرورت پيئي هئي؟ سچ سچ ٻڌاءِ ته مون توکي پاڻيهي وٽ ڏنو هو يا تو ڇاڻي واڻي مونکي پڪڙيو هو؟ تون مون سان پنهنجي موج لاءِ ائين راند يون ڪندي رهندينءَ، تڏهن به مان ماٺ ڪري اُهي سهندو رهندس؟ تنهن هوندي به مان پنهنجو وچن پاڙيندس. مان هڪوار جنهن گهر کي لت هڻي ٻاهي

ڪانئس بنگلي ۾ رهڻ جي اجازت وٺي اچو ته مان توهانکي بنگلو کولي ڏيان."

ونود ني مهيندر جي منهن ڏي نهارڻ لڳي. مهيندر جو من اُنهيءَ منوهر هنڌ کي ڏسي اڳ ئي هر کڄي ويو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ اهڙي رمڻيڪ هنڌ لي ڪجهه ڏينهن ترسڻ جي اُميد ڏسي هو نهايت خوش ٿي ويو ۽ ونود نيءَ کي چيائين: "چڱو، هل ته مالڪ وٽ هلون. تون ٻاهر گاڏيءَ ۾ ئي رهجانءِ، مان اندر وڃي مالڪ سان مسواڙ وغيره فيصل ڪري، رهڻ جي منظوري وٺي ايندس."

ونود نيءَ جواب ڏنو: "مون کان هاڻي وڌيڪ رليو نٿو پڄي. توهين وڃي مالڪ کان فيصلو ڪرائي اچو، تيستر مان هتي ٿورو آرام ڪري ٿي وٺان. جاءِ بلڪل محفوظ آهي. ڊپ جو ڪوبه ڪارڻ ڪونهي."

مهيندر گاڏيءَ تي چڙهي روانو ٿي ويو. ونود نيءَ اُنهيءَ ٻڍي برهمڻ رکوالي کي ويجهو سڏي ڪانئس سندس ٻارن ٻچن جي باري ۾ پڇا ڪرڻ لڳي. ڳالهين ڪندي ڪندي جڏهن ٻڍي ٻڌايس ته سندس استري به مري چڪي آهي، تڏهن هن نهايت قياس ڀرئي آواز ۾ لائين چئي ٻڍي سان همدردي ظاهر ڪئي: "افسوس! تڏهن توکي ته ڏاڍي تڪليف ٿيندي هوندي! ننڍي مري نه ماڻڙي، ٻڍي مري نه جوءِ! ٻڍاپڻي جي اَڪيلائي بري!"

اِنهيءَ طرح ٻڍي جي دل وٺي ڳالهين ٻولهين ڪندي ونود نيءَ هن کان پڇيو: "ٿورا ڏينهن اڳ ڀاري بابو هتي اَچي رهيو هو نه؟"

ٻڍي ورائيو: "هائو، ٿورا ڏينهن اڳ ڀاري بابو برابر هتي اَچي رهيو هو، مائا، تون هنکي سڃاڻين ڇا؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهي سڀ ڪجهه ڪُل توهان جي ئي پوڄا جا آهن. توهانکي هتي ئي وهڻ گهرجي."

اِهو ٻڌي ٻهاري جو من خوشيءَ کان ڪانڊارجي ويو. هو خوشيءَ مان ڪمري ۾ اندر گهڙيو. ونود ليءَ کيس ٻنهي هٿن سان پلنگ تي وهڻ جو اِشارو ڪيو. ٻهاري وڌي وڃي پلنگ تي ويٺو ۽ ونود لي سندس پيرن وٽ هيٺ پٽ تي اچي ويٺي. اِهو ڏسي ٻهاري هڪو ٻڪو ٿي هڪدم اُٿي کڙو ٿيو. ٻهاريءَ کي اُٿندو ڏسي ونود ليءَ چيو: "دادا، توهان کي منهنجي سر جو قسم آهي اُٿو نه. اِلي ويٺا رهو. مان توهان جي پيرن وٽ وهڻ لائق به نه آهيان. اِها توهان جي مهرباني آهي جو مونکي پيرن وٽ به وهڻ ڏيو ٿا. توهان جي دور رهڻ تي به مان اِهو حق نه ڇڏينديس."

اِئين چئي ونود لي ڪجهه وقت ماٺ رهي، پوءِ ڪنهن يادگيري اُڀرڻ تي اوچتو ڇرڪي پڇڻ لڳي: "دادا، توهان ڪجهه کاڌو پيتو به آهي؟"

ٻهاريءَ چيو: "هائو، مان اِسٽيشن تان کائي پي آيو آهيان."

ونود لي وري سوال ڪيو: "مون توهان کي ڳوٺ مان جيڪا چٺي لکي هئي، اُها توهان کولي جواب ڏيڻ کان سواءِ ئي مهيندر هٿان مونکي موٽائي ڇو موڪلي هئي؟"

ٻهاريءَ جواب ڏنو: "مونکي تنهنجي ڪا به چٺي ڪانه ملي آهي."

ونود لي: "مهيندر تازو پڇاڙيءَ جو ڪلڪتي ۾ توهان سان گڏيو هو ڇا؟"

ٻهاري: "توکي ڳوٺ پهچائي اچڻ جي ٻئي ڏينهن مهيندر منهنجي گهر آيو هو، اُنهيءَ کان پوءِ مان يڪدم ڪلڪتو ڇڏي هيڏانهن گهمڻ هليو آيو هوس. وري نه هو مون سان

دل جي ڌڪ ڌڪ شانت ٿيڻ تي راج لڪشميءَ چيو: ”تون ائين نه چؤ. توکي معاف ڪرڻ کان سواءِ ڇا مان رهي سگهان ٿي! — ڪنوار، او ڪنوار، ڪيڏانهن ويئينءَ؟“

آشا پير واري ڪمري ۾ سس لاءِ ڪِريءَ جو ڪاڙهو پٽي تيار ڪيو. انپورنا وڃي کيس ڪوٺي آئي. تڏهن راج لڪشميءَ پٽ کي پٽ تان اُٿي پلنگ تي وهڻ لاءِ اِشارو ڪيو؛ نونهن کي هن جي پرسان وهڻ لاءِ چاهه ڏيکاريندي چيو: ”ڪنوار، تون هتي ويهه. اڄ مان توهان ٻنهي کي گڏ وهاري ڏسنديس. ائين ڏسي منهنجو سمورو ڏک دور ٿي ويندو. ڌيءُ، هاڻي تون مون کان لڄ نه ڪر؛ پنهنجي من ۾ مهڻن لئي به ڪنهن قسم جو رنج نه ڪري هڪوار هتي ويهه. اڄ مونکي پنهنجون اکيون ٺارڻ ڏي، ڌيءُ!“

آشا لڄ کان منهن ڍڪي ڏڪندڙ دل سان آهستي آهستي مهيندر جي پاسي ۾ وڃي ويٺي. تڏهن راج لڪشمي هنجو ساڄو هٿ کڻي مهيندر جي هٿ تي رکندي چيو: ”مان پنهنجي هن راڻي نونهن جي ٻانهن تنهنجي هٿ ۾ سونپي ٿي وڃان. منهنجي هڪڙي ڳالهه ياد رکجانءِ ته هن جهڙي لڪشميءَ توکي ٻئي ڪنهن به هنڌ ملي نه سگهندي. وچين ڪنوار اَچ، تون به هنن کي هڪوار آسيس ڪر، شل تنهنجي پڄ سان هنن جو ڪلياڻ ٿئي!“

انپورنا جي اکين سامهون بيهندي ئي گهوٽ ڪنوار ٻنهي ڄڻن ڳوڙهن ڀريل نيڻن سان نمي هنن کي پرڻام ڪيو؛ سندس چرڻ رج کڻي مٿي سان لڳائي.

انپورنا ٻنهي جو گڏيل هٿ کڻي چمندي چيو: ”شل، ڀڳوان توهان جو ڪلياڻ ڪري.“

راج لڪشميءَ چيو: ”ڀاري اَڄ پٽ، تون به مهين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايشور ساکي آهي، تون مون مان ڪنهن اُڻ پلائيءَ جو انديشو نہ ڪر."

راڄ لڪشمي، ڀاريءَ جي منهن ڏي نهارڻ لڳي.

ڀاريءَ ڪجهہ ويچار ڪري چيو: "اَمي، تون هنکي پاڻ وٽ رهاءِ. هاڻي هن جي رهائڻ مان ڪنهن بہ هرج جو امڪان ڪونهي."

رات جو ڀاريءَ، ونود نيءَ ۽ اَنپورڻا ٽنهي گڏجي راڄ لڪشميءَ جي سيوا ڪئي.

هوڏانهن آشا اِنهيءَ شرم کان تہ پاڻ سڄيءَ رات ۾ سس وٽ وڃي نہ سگهي آهي، پرهہ ڦٽيءَ جو ئي اُٿي ڪڙي ٿي ۽ مهيندر کي سمهيل ئي ڇڏي، جهٽ پٽ هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا بدلائي هيٺ لهي آئي. اُنهيءَ مهل اڃا ڪجهہ ڪجهہ انڌيرو هو. هن راڄ لڪشميءَ جي ڪمري جي در پرسان ايندي ئي جيڪي ڏٺو، انهن سندس طاق لڳائي ڇڏيا. هوءَ سوچڻ لڳي، اهو ڇا، مان ڪو سپنو تہ ڪونہ ٿي ڏسان؟

ونود نيءَ اِسپرٽ واري چلهہ ٻاري پاڻي پئي گرم ڪيو. ڀاري رات جو سمهي نہ سگهيو هو، اُنهيءَ لاءِ چانهہ ٺاهڻي هئي.

آشا کي ڏسندي ئي ونود ني اُٿي ڪڙي ٿي. چيائين: "ڀيڻ، اَڄ مان پنهنجا سڀيئي اَپراڌ کڻي تنهنجي شرڻ ۾ آئي آهيان. ٻيو ڪو بہ مونکي هتان ڪڍي نٿو سگهي، پر جيڪڏهن تون چوندينءَ تہ هتان نڪري وڃ تہ مونکي اُنهيءَ ئي دم هتان نڪري وڃڻو پوندو."

آشا هنکي تهہ طلب ڪو جواب ڏيئي نہ سگهي. هن جي من ڇا ٿي چيو سو بہ هوءَ سمجهي نہ سگهي. هوءَ وائڙي ٿي ماٺ ڪري بيٺي رهي.

ونود نيءَ چيو: "تون مونکي ڪڏهن بہ معاف ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياچوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناڍانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation** **پڙهندڙ نَسُل . پ نَ**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book